# اميراهل سنت ڪان

# قضا نمازن

## جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنّت کان قضا نمازن جي باري ۾ سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# امير اهلسنّت کان قضا نمازن جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اميرِ اهلسنّت کان قضا نمازن جي باري ۾ سوال جواب

**دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلسنّت:** اي الله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو **”اميرِ اهلسنّت کان قضا نمازن جي باري ۾ سوال جواب“** پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن جي ڪا بہ نماز قضا نہ ٿي ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## دُرود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز کان بعد حمد ۽ ثناء ۽ دُرود شريف پڙهڻ واري کي فرمايو: ”دعا گهر قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندو.“[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** بي نمازين جي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون وعيدون آهن؟ ارشاد فرمايو.

**جواب:** بي نمازي جي سڀ کان وڏي بدنصيبي هيءَ آهي تہ اهو الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نافرمان آهي. الله پاڪ قرآنِ

[1] نسائی، ص220،حديث:1281

ڪريم ۾ ڪيئي مقامن تي نماز جو حڪم فرمايو آهي، پر هي ان حڪم کي عملي جامو ناهي پارائي رهيو. اهڙيءَ طرح پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ به بيشمار هنڌن تي نماز جو حڪم ڏنو آهي، پر هي ان حڪم کي عملي طور تي ناهي اپنائي رهيو، ته هيءَ ان جي بدبختي ۽ بدنصيبي آهي. جيڪو جاڻي واڻي ڪري هڪ نماز ترڪ ڪندو ته ان جي لاءِ جهنّم جو مخصوص دروازو آهي، جنهن مان جهنّم ۾ داخل ڪيو ويندو.[1]

اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جيڪو نماز قضا ڪندو آهي ته اهو هزار سال جهنّم جي عذاب جو حقدار آهي.[2] بهرحال مسلمان کي هر حال ۾ نماز قائم رکڻ گهرجي، بي نمازي انسان ڪهڙي ڪم جو؟ ٻارن بلڪ گهر جي تمام ماڻهن کي نماز جي تلقين ڪندو رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اهي نه ٿا پڙهن تڏهن به اسان کي چوڻ (يعني نيڪي جي دعوت جو ثواب ته ملندو. پڻ باربار چوڻ ۽ سمجهائڻ سان اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم! نماز جي توفيق به ملي ئي ويندي.

اسان پهريان بليڪ بورڊ ۽ ڪليل هنڌن تي لکيل ڏسندا هئاسين ته ”**نماز قائم ڪيو**“ هي ڏسي ڏسي ڪري نماز جو ذهن ٺهجندو هو ته نماز نهايت اهم آهي، ان کي ترڪ نه ڪرڻ گهرجي ۽ حقيقت به اها ئي آهي ته نماز نهايت اهم آهي. تنهنڪري اسان ڳالهه ڳالهه تي نماز جو تذڪرو ڪندا رهون ته ٻڌڻ واري کي ترغيب ملندي رهندي، ايئن هُو نمازي بڻجي ويندا ۽ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! مسجدون به آباد ٿينديون.[3]

---

[1] حلية الاولياء، 299/7، حديث:10590
[2] فتاوىٰ رضويه،158/9
[3] ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت،242/1

**سوال:** ڇا قضاءِ عُمري ضروري آهي؟

**جواب:** قضاءِ عُمري فرض آهي. جنهن جون نمازون قضا ٿي ويون، ان جي توبهه جي صورت اهائي آهي تہ اهو توبهه ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي تلافي بہ ڪري يعني جيڪي نمازون قضا ٿيون آهن، اهي سڀ جو سڀ ادا بہ ڪري.[1]

**سوال:** قضاءِ عُمري ڪهڙين نمازن جي هوندي آهي؟

**جواب:** قضاءِ عُمري صرف فرض ۽ وتر جي هوندي آهي، تہ ايئن هڪ ڏينهن جون 20 رڪعتون بڻجن ٿيون، بہ فرض فجر جي نماز جا، چار فرض ظهر جي نماز جا، چار فرض عصر جي نماز جا، ٽي فرض مغرب جي نماز جا، چار فرض عشاء جي نماز جا ۽ ٽي وتر.[2] سنّتن ۽ نفلن جي قضا ناهي هوندي.[3]

**سوال:** قضا نماز ڏينهن ۾ ڪهڙن وقتن ۾ پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** ٽي مڪروه وقت آهن (سج لهڻ کان بعد 20 منٽن تائين، ضحوهءِ ڪُبرٰي جي وقت، سج لهڻ کان پهريان جا 20 منٽ) ان کان علاوه جڏهن چاهيون قضا نماز پڙهي سگهون ٿا.[4]

**سوال:** ڇا قضا نمازون گهر ۾ پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** قضا نمازون گهر ۾ ئي پڙهڻ گهرجن. مسجد ۾ سڀني جي سامهون هن طرح پڙهڻ جو ماڻهن کي خبر پئجي وڃي تہ هي قضا

---

[1] ملفوظات امیرِ اہلِ سنت،273/2

[2] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 125

[3] جنتي زيور،ص274۔ فتاوىٰ رضويہ،146/8-148 ماخوذا؛ ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،274/2

[4] فتاوىٰ ہنديہ، 52/1؛ ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،331/7

نماز پڙهي رهيو آهي تہ ائين ڪرڻ جائز ناهي.[1] البت هڪ ئي نماز سيني جي قضا ٿي وئي تہ ان کي باجماعت پڙهي سگهون ٿا.[2] اڪيلو ڪنهن جي نماز قضا ٿي وئي تہ هاڻي ٻين کي خبر نہ پوڻ گهرجي، ڇوتہ بنا عُذرِ شرعي ڄاڻي واڻي ڪري نماز قضا ڪرڻ گناهہ آهي لهٰذا هن جو اظهار ٻين تي نہ ڪيو وڃي.[3]

**سوال:** اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ تي نمازون وقت تي ادا ڪرڻ جو ذهن ٺهجندو آهي. پوئين قضا ٿيل نمازن کي جلد ادا ڪرڻ جي لاءِ حساب لڳائڻ جو ڪو آسان طريقو بيان فرمايو.

**جواب:** قضا نمازون تمام جلد ادا ڪرڻ واجب آهي.[4] قضا نمازون توبهہ سان معاف نہ ٿينديون، البت ادائيگي کان بعد قضا جو گناهہ توبهہ سان معاف ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو قضا نہ پڙهي ۽ ائين ئي توبهہ توبهہ ڪندو وتي تہ هي توبهہ ناهي، ڇوتہ گناهہ تہ اڃان بہ ان جي ذمي باقي آهي.[5] جيڪڏهن ڪنهن کي ڪيترن ئي سالن جي قضا نمازن جو حساب لڳائڻو آهي تہ اهو جڏهن کان بالغ ٿيو ان وقت کان حساب لڳائي، جيڪڏهن بالغ ٿيڻ جي بہ خبر ناهي تہ ڪڏهن ٿيو هو تہ پوءِ هجري سن جي حساب سان مرد 12 سالن جي عُمر کان ۽ عورت 9 سالن جي عُمر کان نمازن جو حساب لڳائي. ڇوڪرو 12 ۽ 15 سالن جي عُمر ۾ بالغ ٿيندو آهي، جڏهن تہ ڇوڪري 9 کان 15

---

[1] درمختار،650/2 ماخوذا
[2] فتاوىٰ ہنديہ ، 55/1
[3] ملفوظات امیرِ اہلِ سنت، 363/2
[4] درمختار، 646/2
[5] درمختار، 627/2

سالن جي عُمر جي وچ ۾ بالغ ٿيندي آهي. صرف فرض رڪعتن جي قضا ڪئي وڃي ۽ ٿي وتر به قضا ڪرڻا پوندا. ايئن روزانو جون هي 20 رڪعتون بڻجن ٿيون.[1]

عوام ۾ هي مشهور آهي ته هر نماز سان گڏ هڪ قضا نماز پڙهي حالانڪ ائين ناهي، واجب هي آهي ته جلدي جلدي سيئي نمازون پڙهي ڪري پنهنجي ذمي تان لاهي. لھٰذا ضروري ڪم ڪار، روزگار، کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ وغيره معاملا جن جي بغير ماڻهوءَ جو گذارو ناهي. انهن کان علاوه جيڪو به وقت ملي ته ان ۾ قضا نمازون پڙهي، ته جيئن فرض کان آزاد ٿي سگهي.[2]

**سوال:** صاحبِ ترتيب پنهنجون قضا نمازون ڪيئن ادا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪو صاحبِ ترتيب آهي ته ان کي اڳين نماز پڙهڻ کان پهريان پوئين نماز پڙهڻي پوندي.[3] جيئن جيڪڏهن ڪنهن جي عشاء جي نماز قضا ٿي وئي ۽ ان تي ڇهه نمازن کان گهٽ نمازون قضا آهن ته ان تي فرض آهي ته هي فجر جي نماز پڙهڻ کان پهريان قضا نمازون ادا ڪري وٺي، جيڪڏهن هي قضا پڙهڻ کان پهريان فجر پڙهندو ته فجر نه ٿيندي. باقي فجر جو وقت ايترو ٿورو رهجي ويو آهي ته جيڪڏهن قضا پڙهڻ لڳندو، ته وقت نڪري ويندو ته فجر ئي پڙهي جو هن صورت ۾ فجر پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي، هن جي فجر ادا ٿي ويندي.[4] پر اهي قضا اجان به ذمي تي باقي رهنديون. جيڪڏهن ڪنهن جون ڇهه نمازن کان وڌيڪ نمازون قضا آهن يعني

---

[1] فتاوىٰ رضويه،8/ 154 -157 ،ماخوذا

[2] درمختار،646/2-بهار شريعت، 706/1، حصه:4)( ملفوظات امير اهل سنت،363/2

[3] بهارِ شريعت، 703/1، حصه:4 ماخوذا

[4] بهار شريعت، 703/1،حصه:4 ماخوذا

ڇهين نماز جو وقت بہ نڪري چڪو آهي تہ هي هاڻي صاحبِ ترتيب نہ رهيو، هاڻي ان کي اجازت آهي چاهي تہ ان وقت جي نماز پهريان پڙهي يا زندگي جي ڪا قضا نماز پهريان پڙهي.[1] جنهن تي ڪيئي نمازون قضا آهن اهي Confused نہ ٿين تہ اسان جي ڪا نماز ٿيندي ئي نہ، ائين ناهي. جيڪڏهن اهي صاحبِ ترتيب ناهن تہ پنهنجي وقتي نمازن سان گڏوگڏ قضا بہ پڙهندا رهن جو انهن قضا نمازن کي جلدي جلدي ادا ڪرڻ واجب آهي.[2]

**سوال:** جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن، ڇا ان جا نفل قبول آهن؟

**جواب:** جيستائين ڪنهن شخص جي ذمي فرض باقي رهندو هجي، ان جو ڪوبہ نفل قبول ناهي ڪيو ويندو، جيئن تہ اعلٰي حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مشهور ڪتاب ”فتاوٰي رضويہ شريف جلد 10 صفحي 179“ تي نقل فرمايو آهي تہ جڏهن اميرُ المؤمنين حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جي نزع جو وقت آيو تہ، اميرُالمؤمنين فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهڪي گهرائي ڪري فرمايائون: اي عُمر (رَضِيَ اللهُ عَنْه)! الله پاڪ کان ڊڄجانءِ ۽ ڄاڻي ڇڏ تہ الله پاڪ جا ڪجهہ ڪم ڏينهن ۾ آهن جو انهن کي رات ۾ ڪيو تہ قبول نہ فرمائيندو ۽ ڪجهہ ڪم رات ۾ آهن جو انهن کي ڏينهن ۾ ڪيو تہ قبول نہ ٿيندا ۽ خبردار رهو جو ڪو نفل قبول ناهي ٿيندو جيستائين فرض ادا نہ ڪيو وڃي.[3]

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”فُتوحُ الغيب“ ۾ اهڙي شخص جو مثال جيڪو فرض ڇڏي

[1] بهار شريعت ، 705/1،حصہ:4 ماخوذا
[2] ملفوظات اميرِ اہلِ سنت، 438/1
[3] حلية الاولياء، 71/1،رقم:83

نفل ادا ڪري، ايئن بيان فرمائن ٿا: ان جي چوڻي ائين آهي جيئن ڪنهن شخص کي بادشاهه پنهنجي خدمت جي لاءِ سڏي، هو اتي ته حاضر نه ٿئي پر ان جي غلام جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ موجود رهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪڏهن فرض ڇڏي ڪري سنّت ۽ نفل ۾ مشغول ٿيندو، هي قبول نه ٿيندا ۽ خوار (ذليل) ڪيو ويندو.[1]

حضرت شيخُ الشيوخ امام شهابُ الملّتِ والدّين سُهروردي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "عَوارِف شريف" ۾ حضرت خوّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان نقل فرمائن ٿا: اسان کي خبر پهتي آهي ته الله پاڪ کو نفل قبول ناهي فرمائيندو، ايستائين جو فرض ادا ڪيو وڃي. الله پاڪ اهڙن کي فرمائي ٿو: توهان جي چوڻي، ان بُري شخص جيان آهي جيڪو قرض ادا ڪرڻ کان پهريان تحفو پيش ڪري.[2] منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيستائين فرض نماز ذمي باقي رهندي آهي، ڪو نفل قبول ناهي ڪيو ويندو.[3] ها! جڏهن اهو بانهو پنهنجي ذمي باقي تمام فرضن کان آزاد ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ جي بارگاهه مان اميد آهي ته ان جا نفل به قبول ٿي ويندا جو نفلن جي قبوليت ۾ جيڪا رڪاوٽ هئي، اها ختم ٿي وئي. جيئن ته سرڪارِ اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا: انهن سيني جي به قبوليت جي اميد هوندي جنهن جُرم جي ڪري هي قابِل قبول نه هئا، جڏهن اهو ختم ٿي ويو ته انهن کي به الله پاڪ جي اجازت سان قبوليت جو شرف حاصل ٿي ويو.[4]

---

[1] فتوح الغيب، (مترجم) ص120
[2] عوارف المعارف، ص191
[3] ملفوظات اعلیٰ حضرت، ص 126
[4] فتاویٰ رضويه،182/10

## هڪ مدني التجا

ان ڪري مدني التجا آهي تہ جيڪڏهن توهان جون نمازون فوت ٿي ويون آهن تہ نفلن جي جڳهہ تي بہ فوت ٿي ويل نمازون ئي پڙهو، تہ جيئن جيترو قدر جلدي ٿي سگهي پنهنجي ذمي باقي فرضن کان آزاد ٿي سگهو جو قضا نمازون نفلن کان وڌيڪ اهم آهن. صدرُ الشريعہ، بدرُالطريقہ حضرتِ علّامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قضا نمازون نفلن کان اهم آهن يعني جنهن وقت نفل پڙهندو آهي، انهن کي ڇڏي ڪري انهن جي بدلي قضا پڙهي جو بري الذمہ ٿي وڃي. باقي تراويح ۽ ٻارهن رڪعتون (فجر جون 2 سنّتون، ظهر جون 6 سنّتون، مغرب جون 2 سنّتون، عشاء جون 2 سنّتون) سنّتِ مؤڪده نہ ڇڏي. خَليلِ ملّت حضرت حضرت علّامہ مولانا مُفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ حوالي سان فرمائن ٿا: اها اميد لڳائي رکي تہ مولا پنهنجي خاص ڪرم سان قضا نمازن جي ضمن ۾ انهن نفلن جو ثواب بہ پنهنجي غيب جي خزانن مان عطا فرماءِ، جن جي وقتن ۾ هي قضا نمازون پڙهيون ويون. وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ۔[1]

**سوال:** ڪو شخص ناپاڪ هجي ۽ ان کي ياد نہ رهي تہ اهو ناپاڪ آهي ۽ انهيءَ حالت ۾ نمازون پڙهي ورتيون تہ انهن نمازن جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ناپاڪي يعني غسل فرض هجڻ جي صورت ۾ پڙهيون ويندڙ نمازون، ٿيون ئي نہ، انهن کي ٻيهر پڙهڻ ضروري آهي.[2]

---

[1] سُنّي بہشتي زيور، ص 240؛ ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 63/1

[2] بہار شريعت،282/1،حصہ:2 ماخوذا

جيڪڏهن وقت نڪري چڪو آهي تہ فرض جي قضا ڪري ۽ وتر ۾ ائين ٿيو آهي تہ ان جي بہ قضا ڪري. سنّت ۽ نفل جي قضا ناهي.[1]

**سوال:** جيڪڏهن سفر جي دوران قضا نماز ادا ڪرڻي هجي تہ پوري پڙهنداسين يا قصر؟ پڻ عصر ۽ فجر جون قضا نمازون عصر ۽ فجر جي اَذان ٿيڻ کان پهريان پڙهي سگهون ٿا يا اَذان کان بعد پڙهنداسين؟

**جواب:** جيڪڏهن نماز سفر ۾ قضا ٿي تہ چاهي سفر ۾ ادا ڪري يا حضر(مثلاً پنهنجي شهر) ۾، قصر ئي پڙهڻي پوندي ڇوتہ اها نماز قصر ئي قضا ٿي هئي. ائين ئي جيڪڏهن حَضر ۾ نماز قضا ٿي تہ چاهي سفر ۾ ادا ڪري يا حضر ۾ پوري پڙهڻي پوندي.[2] فجر ۽ عصر جي قضا پڙهڻ جي لاءِ فجر ۽ عصر جي اَذان ٿيڻ ضروري ناهي، نہ ئي فجر ۽ عصر جو وقت هجڻ ضروري آهي، بلڪ حڪم هي آهي جيترو جلدي ٿي سگهي قضا نمازون ادا ڪري وٺي.[3]

**سوال:** فجر جي نماز قضا ٿي وڃي تہ هي قضا نماز ٻئي ڏينهن نمازِ فجر جي وقت ۾ پڙهي وڃي يا زندگي ۾ ڪڏهن بہ پڙهي سگهجي ٿي؟ پڻ ڇا فجر جي قضا نماز سان گڏوگڏ ان جون سنّتون بہ پڙهڻيون پونديون؟

**جواب:** جيڪڏهن فجر جون سنّتون نڪري وڃن تہ انهن جي قضا ناهي هوندي ۽ انهن جي قضا نہ پڙهڻ تي گناهہ بہ ناهي ملندو، ڇوتہ قضا صرف فرضن جي هوندي آهي. ها! جيڪڏهن فجر جون قضا

---

[1] درمختار مع رد المحتار،633/2 ماخوذا؛ ملفوظاتِ امیرِاہلِ سنت، 274/2
[2] ردالمحتار،650/2
[3] در مختار، 646/2؛ ملفوظاتِ امیرِاہلِ سنت، 566/3

ٿيڻ واريون سنّتون پڙھٽيون ھجن تہ ان ڏينھن سج اڀرڻ کان 20 منٽ گذرڻ کان بعد اشراق جي وقت نصفُ النھار تائين، جي دوران پڙھڻ مستحب آھي. ان وقت کان بعد مستحب نہ ناھي.[1]

**سوال:** ڪيئي ماڻھن جي قضاءِ عُمري يعني فرض نمازون باقي ھونديون آھن، انھن ماڻھن کي قضاءِ عُمري پڙھڻ گھرجي يا نمازِ تراويح کي ترجيح ڏيڻ گھرجي؟

**جواب:** جيڪڏھن ذمي تي قضاءِ عُمري باقي ھجي تہ ترجيح انھيءَ کي حاصل ھوندي. پر ان جو ھرگز ھي مطلب ناھي تہ قضاءِ عُمري جي سبب نمازِ تراويح يا بين سنّتِ مؤڪده کي ڇڏي ڏنو وڃي. ۽ پوءِ قضاءِ عُمري رمضان ۾ ادا ڪرڻ ضروري ناھي، رمضان کان علاوه سڄو سال قضاءِ عُمري ادا ڪري سگھجي ٿي. ان جي لاءِ نمازِ تراويح ڇڏڻ جي بلڪل اجازت نہ ھوندي. مسلمان کي گھرجي تہ اھو پنھنجي تمام مصروفيتن کان فارغ ٿي ڪري پنھنجي ذمي موجود قضاءِ عُمري ادا ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ بيون سنّتِ مؤڪده ۽ نمازِ تراويح بہ پڙھندو رھي.[2]

**سوال:** ڇا حاملہ عورت پنھنجون قضا نمازون ويھي ڪري پڙھي سگھي ٿي؟

---

[1] اعلٰي حضرت، امام اھلسنّت مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (فجر جون سنّتون) جيڪڏھن فرض سان گڏ قضا ٿيون آھن تہ ضحوهءِ ڪُبرٰي اچڻ تائين انھن جي قضا آھي، ان کان بعد ناھي ۽ جيڪڏھن فرض پڙھي ڇڏيا، سنّتون رھجي ويون آھن تہ سج بُلند ٿيڻ کان بعد انھن جو پڙھي وٺڻ مستحب آھي، سج اڀرڻ کان پھريان رَوا (يعني جائز) ناھي. (فتاویٰ رضويه،145/8) (ردالمحتار،550/2) (ملفوظات امير اہل سنت،7/ 241 )

[2] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 6/ 241

**جواب:** حامله جا مسائل نهايت نازڪ آهن، صرف حامله هجڻ جي سبب ويهي ڪري نماز پڙهڻ جي اجازت نه ملندي. ها! جيڪڏهن ان تان حقيقي سجدو ساقط ٿي ويو ته ان تان قيام به ساقط ٿي ويندو.[1] هاڻي ان کي ويهي ڪري نماز پڙهڻ جي اجازت هوندي انهيءَ حالت ۾ اها پنهنجون قضا نمازون به جيڪڏهن ويهي پڙهندي ته اهي به ادا ٿي ونديون.[2]

**سوال:** ڪراچي تمام وڏو شهر آهي، ان ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ جي طرف وڃڻ ۾ هڪ ڏيڍ ڪلاڪ لڳي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هنڌ پهچڻ جي جلدي هوندي آهي ته نمازِ ظهر قضا ٿي ويندي آهي. ڇا هن طرح جي سفر جي سبب ظهر جي نماز ۾ قصر ڪري سگهون ٿا؟

**جواب:** قصر نماز پڙهڻ جي لاءِ شرعي مسافر هجڻ ضروري آهي[3] ۽ هڪ ئي شهر ۾ اچڻ وڃڻ شرعي سفر ناهي چورائيندو. تنهنڪري ان ۾ پوري نماز پڙهڻي پوندي. ها! جيڪڏهن ڪو ڪنهن شهر ۾ مسافر آهي ۽ 15 ڏينهن کان گهٽ ڏينهن اتي رهندو ته اهو شرعي مسافر هوندو. هاڻي اهو نماز ۾ قصر ڪري سگهي ٿو. پر ڪراچي ۾ ئي مقيم آهي ۽ اتي رهندي هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه سفر ڪري ٿو ته هي شرعي مسافر ناهي، لهٰذا قصر نماز نه ٿو پڙهي سگهي. سائل ظهر جي نماز جي باري چيو، ته عرض آهي ته ظهر جي وقت ۾ گنجائش گهٽي هوندي آهي. جيڪڏهن سفر ۾ ڪلاڪ ڏيڍ بلڪ

---

[1] درمختار مع رد المحتار، 164/2

[2] تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ ”ڪُرسيءَ تي نماز پڙهڻ جا احڪام“ رسالي جو مطالعو ڪيو. (درمختار،650/2) (ملفوظات امير اهل سنت،6/ 382)

[3] شرعاً مسافر اهو شخص آهي جيڪو ٽن ڏينهن جي راهه (يعني تقريباً 92 ڪلو ميٽر) تائين وڃڻ جي ارادي سان ڳوٺ کان نڪتو. (بهار شريعت، 1/ 740، حصه:4) هجي

ٽي ڪلاڪ ته لڳندا آهن پوءِ ته ايترو وقت هوندو آهي جو ظهر جي نماز پڙهي وٺي، نماز قضا ٿيڻ مُشڪل آهي. ها! جيڪڏهن سفر جي لاءِ ٺي ساڍي چار وڳي وينو ۽ ظهر جو وقت پنج وڳي ختم ٿي رهيو آهي ته ظاهر آهي هاڻي ظهر قضا ٿي ويندي. لهٰذا ان کي گهرجي ته پهريان ظهر جي نماز پڙهي پوءِ ان کان بعد سفر شروع ڪري. جڏهن ته سفر ڪرڻو هجي ته ان جي لاءِ اهو وقت منتخب ڪيو جنهن ۾ ڪا نماز نه اچي. باقي ٽرين ۾ نماز جو وقت اچي وڃي ته ٽرين ۾ به نماز پڙهي سگهجي ٿي، پر ان جا الڳ مسئلا آهن.[1] ياد رکو! نماز فرض آهي ان کي ڇڏي نه ٿا سگهون.[2]

**سوال:** ڪجھ ماڻهو عصر ۽ مغرب جو ٿورو وقت گذرڻ تي عصر ۽ مغرب جي نماز کي قضا سمجهندا آهن، جيڪڏهن انهن کي ڪير سمجهائي ته اڃان نماز جو وقت باقي آهي ته مڃيندا ناهن، اهڙن ماڻهن کي ڪيئن سمجهايو وڃي؟

**جواب:** علم جي ڪمي آهي. خاص طور تي مغرب ۾ ٿوري دير تي وڃي ته ماڻهو هن طرح چوندا آهن ته هاڻي مغرب جي نماز جو وقت نڪري ويو، حالانڪ پاڪستان ۾ مغرب جي نماز جو وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ارڙهن منٽ هوندو آهي. جيتوڻيڪ بنا عُذر مغرب جي نماز ۾ ايتري دير ڪرڻ جو تارا نڪرڻ لڳن مڪروه

---

[1] اعلٰي حضرت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيٺل ريل ۾ سڀ نمازون جائز آهن ۽ هلندڙ ريل ۾ سنّتِ صبح(يعني فجر جي سنّتن) کانسواءِ سڀ سنّتون ۽ نفل جائز آهن پر فرض ۽ وتر يا صبح جون سنّتون نه ٿيون ٿي سگهن. اهتمام ڪري ته بيٺل (ريل) ۾ پڙهي ۽ (جيڪڏهن) ڏسي ته وقت وڃي رهيو آهي (ته) پڙهي وٺي ۽ جڏهن (ريل) بيهي پوءِ ٻيهر پڙهي(يعني انهن نمازن کي وري پڙهي. (فتاوى رضويه، 113/5)

[2] ملفوظات امير اهل سنت،286/3

آهي[1] ۽ بغير شرعي عُذر جي ايتري دير ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو.[2] پر نماز قضا ناهي ٿيندي ڇوته اڃان به نماز جو وقت باقي آهي، جيڪڏهن نماز پڙهنداسين ته ادا ئي ٿيندي. نمازن جي وقتن جو نقشو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تي موجود آهي.[3]

**سوال:** رمضانُ المبارڪ ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 70 نيڪين جي برابر ملندو آهي، جيڪڏهن ڪو رمضانُ المبارڪ ۾ قضاءِ عُمري ڪندو آهي ته ڇا ان کي قضا پڙهڻ سان 70 قضا نمازون ادا ٿي وينديون؟

**جواب:** نه، هڪ قضا نماز ادا ڪندا ته هڪ ئي قضا نماز ادا ٿيندي.[4]

**سوال:** ڇا قضا نماز ويهي ڪري پڙهي سگهون ٿا؟ پڻ قضا نماز ۾ هڪ ئي سورت جو تڪرار ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** قضا نماز به بيهي ڪري ان طرح پڙهڻي آهي جهڙيءَ طرح ادا نماز پڙهندا آهيون. ڇوته قضا ۾ فرض ۽ واجب رڪعتون هونديون آهن، جنهن ۾ قيام فرض هوندو آهي.[5] جيڪڏهن ڪنهن کي هڪ ئي سورت ياد آهي ۽ ان کان علاوه ڪا سورت ياد ناهي ته هر رڪعت ۾ هڪ ئي سورت پڙهندو رهي، نه ته هر رڪعت ۾ مَٽائي مَٽائي ڪري پڙهي، ڇوته بنا مجبوري فرض جي رڪعتن ۾ هڪ ئي سورت جو تڪرار مڪروهِ تنزيهي آهي.

**سوال:** جيڪڏهن دورانِ اعتڪاف ڪنهن جي نماز قضا ٿي وڃي ته

---

[1] فتاوٰی رضويه، 153/5
[2] بهارِ شريعت، 453/1، حصه:3
[3] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 6/ 424
[4] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 7/ 166
[5] حاشية الطحطاوی علی المراقی الفلاح ، ص353 ماخوذا

چا ان جو اعتڪاف ٽُٽي پوندو؟

**جواب:** نماز ڇڏيائين ته واقعي سخت ڪان سخت گناهه ڪيائين. باقي ان سان اعتڪاف نه ٽُٽندو. ها! جيڪڏهن ڪنهن ڏهن ڏينهن واري سنّت اعتڪاف ۾ روزو ٽوڙيو يا ڪنهن سبب روزو ٽٽي پيو يا بيماري جي ڪري روزو ٽوڙڻو يا ڇڏڻو پئجي ويو ته اعتڪاف ٽُٽي پوندو.[1]

**سوال:** فوت ٿي ويل طرفان قضا نمازن ۽ روزن جو فديو ادا ڪرڻ جو طريقو بيان فرمايو.

**جواب:** فوت ٿي ويل جون جيتريون به قضا نمازون آهن انهن جو حساب لڳايو وڃي، هاڻي جيڪڏهن سڄي عُمر نمازون ناهن پڙهيون ته جڏهن بالغ ٿيو هو ته ان وقت کان حساب لڳايو وڃي. هي به معلوم نه هجي ته ڪڏهن بالغ ٿيو هو ته مرد 12 سال ۽ عورت جو 9 سال جي عُمر کان حساب لڳايو وڃي. هي حساب هجري سن جي اعتبار سان لڳائڻو پوندو، عيسوي سال جي حساب سان نه ڇوته بنهي ۾ فرق آهي. اسلامي تمام معاملات هجري سال جي حساب سان ٿيندا آهن. بدقسمتي سان مسلمانن جو هجري جي طرف توجهه ئي ناهي. هجري سال کي فاروقي سال به چيو ويندو آهي، ڇوته اميرُ المؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن هجري سال کي باقاعده جاري فرمايو هو.[2] جيڪڏهن ان کي اسلامي سال چئون تڏهن به درست آهي.

بهرحال فوت ٿي ويل جي عُمر سان هن طرح قضا نمازن ۽ روزن

---

[1] فيضان رمضان ، ص268

[2] تهذيب الاسماء واللغات، 47/1

جو حساب لڳايو وڃي. حساب لڳائڻ کان بعد مثال طور هڪ هزار (1000) ڏينهن جون قضا نمازون ٻڌجن ٿيون، هاڻي روزانو جون هونئن ته پنج نمازون آهن پر وتر جو به فديو ڏيڍو پوندو ته ايئن هڪ ڏينهن جا ڇهه فديا ٿيندا. اهڙيءَ طرح مثال طور هڪ هزار (1000) فديا ٿيندا. هاڻي هڪ فديي جي مقدار هڪ صدقءِ فطر آهي جيڪو اسان رمضان ۾ ڏيندا آهيون مثال طور هن سال (1439ھ بمطابق 2018ع) هڪ صدقءِ فطر جي قيمت ڪڻڪ جي حساب سان 100 روپيا هئي، جڏهن ته ڪجور ۽ ڪشمش جي حساب سان وڌيڪ ٿي. هاڻي جيڪڏهن ڪڻڪ جي رقم جي حساب سان مسڪين کي ست هزار (7000) فدين جي قيمت ڏيندا ته هي ستر هزار (70000) ٿيندي. هاڻي جيڪڏهن ايتري رقم ناهي ته ان ۾ حيلي جي به گنجائش آهي، مثال طور ان وٽ هڪ هزار (1000) فديي جي رقم آهي، اها رقم فديي جي طور تي ڪنهن شرعي فقير کي ڏئي، شرعي فقير ان رقم تي قبضو ڪرڻ کان بعد تحفي جي طور تي اها رقم ان کي واپس موٽائي ڏئي ۽ اهو قبضو ڪرڻ کان بعد ٻيهر ان شرعي فقير کي فديي ۾ اها رقم ڏئي ته هن طرح ست ڦيرا ڪرڻ سان ست هزار (7000) فدين جي ادائيگي ٿي ويندي. سڄي عُمر جي روزن جو حساب لڳائڻ ۾ جنهن جنهن رمضان جا 29 ڏينهن هجڻ يقيني معلوم هجي ته ان کي 29 شمار ڪيو وڃي. وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڇپيل ڪتاب "نماز جا احڪام" ۾ موجود رسالو "قضا نمازن جو طريقو" جو مطالعو ڪيو، هي رسالو مڪتبةُ المدينه تان الڳ سان به ملي سگهي ٿو.[1]

---

[1] ملفوظات امير اہل سنت،247/1

**سوال:** سج نڪرڻ سان فجر جي نماز قضا ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن فجر پڙهندي پڙهندي روشني ٿي وڃي ته ڇا نماز ٿي ويندي؟

**جواب:** سج جي پهرين ڪرڻي چمڪڻ سان پهريان پهريان فجر جي نماز جو سلام ڦيرڻ ضروري آهي، ڇوته "**فجر جو وقت صبح صادق نڪرڻ کان سج جي ڪرڻي چمڪڻ تائين آهي.**"[1] لهذا جيڪڏهن فجر جي نماز پڙهندي پڙهندي سج جو پهريو ڪرڻو چمڪي ويو ته هاڻي نماز نه ٿيندي نه ته ٿي ويندي، ڇوته روشني ته صبحِ صادق جي وقت کان ئي ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ اها وڌندي ويندي آهي ايستائين جو سج نڪري ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن موسم ۾ ڪڪر هوندا آهن ۽ سج نظر ئي ناهي ايندو. بلڪ ېڌو آهي ته (U.K) وغيره ۾ ته سج تمام گهٽ نظر ايندو آهي ته اهڙن موقعن تي پنهنجي پنهنجي شهرن يا مُلڪن جو "نقشو براءِ اوقاتِ نماز" جي مطابق نماز ادا ڪئي وڃي.[2]

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن شخص تي جنات جو اثر هجي ۽ گهڻو وقت بيهوش رهندو هجي ته ڇا ان تي قضا نماز پڙهڻ واجب آهي؟

**جواب:** بهارِ شريعت ۾ آهي: جُنون يا بيهوشي جيڪڏهن پوري ڇهن وقتن کي گهيري وني، چاهي اها جِنَّ جي سبب هجي يا بيماري جي

[1] بهارِ شريعت،447/1

[2] دعوتِ اسلامي جي مجلس توقيت مُلڪ ۾ بيرونِ مُلڪ جي اوقاتِ نماز جا نقشا تيار ڪيا آهن، جيڪي مڪتبةُ المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجن ٿا. پڻ سڄي دنيا جي نمازن جا وقت ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڪمپيوٽر، اينڊرائڊ ۽ آئي فون وغيره جي لاءِ سافٽ ويئر ڊاؤن لوڊ به ڪري سگهو ٿا. (ماہنامہ فیضان مدینہ،مئی2017ء،ص8)

سبب تہ انهن نمازن جي قضا بہ ناهي، چاهي بيهوشي ماڻهوءَ يا جانور جي خوف سان هجي ۽ ان کان گهٽ هجي تہ قضا واجب آهي.[1] يعني چاهي ڪنهن ماڻهوءَ ڏيڄاريو هجي يا جانور جو خوف هجي يا نانگ نظر اچي ويو ۽ هي بيهوش ٿي ويو مطلب تہ: ڪنهن بہ سبب بيهوش ٿي ويو ۽ انهيءَ حالت ۾ ڇهہ فرض نمازن جو وقت نڪري ويو تہ هي نمازون معاف ٿي وينديون. البت پنج فرض نمازون قضا ٿيون هيون ۽ ڇهين جو وقت گذرڻ کان پهريان هوش اچي ويو تہ انهن فرض نمازن کي پڙهڻو پوندو.

## جُنون ۽ بيهوشي ۾ فرق

جُنون ۽ بيهوشي ۾ فرق آهي، جنهن تي جنون طاري هجي اهو ظاهري طور هوش ۾ لڳندو آهي، پر حقيقتاً ان کي هوش ناهي هوندو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو شخص اجايو گاريو ڏيندو آهي، پٿر هڻندو، فضول ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ ان کي پنهنجي ڪپڙن تائين جي ڪا خبر ناهي هوندي، اهڙي کي ماڻهو چَريو چوندا آهن. جڏهن تہ اهو شخص جنهن تي بيهوشي طاري هجي، اهو تہ جاڳي ئي ناهي رهيو هوندو، بيهوش پيو هوندو آهي. مٿي جيڪو بيان ڪيو ويو، اهو انهن ٻنهي جي لاءِ ئي آهي يعني اهو شخص جنهن تي جُنون طاري هجي ۽ اهو جيڪو بيهوش هجي. (هن موقعي تي مفتي صاحب فرمايو:) جنات بہ ماڻهوءَ تي جُنون طاري ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن جي ڪري هُو عجيب و غريب حرڪتون ڪندو آهي.[2]

---

[1] درمختار، 692/2، ماخوذاـبهار شريعت،72/1،حصہ:4 ماخوذا
[2] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 339/8

**نوٽ:** صفحي 4 تي موجود سوال ”شعبہ هفتيوار رسالو قائم“ ڪيو آهي جڏهن تہ جواب امير اهلسنّت رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ جو ئي عطا ڪيل آهي.

## جمعةُ الوداع جي ڏينهن قضا نماز جي باري ۾ غلط فهمي

ڪجھ ماڻهو رمضانُ المبارڪ جي آخري جمعي ۾ باجماعت قضاءِ عُمري پڙهندا آهن ۽ هي سمجهندا آهن تہ سڄي عمر جون قضا نمازون انهيءَ هڪ نماز سان ادا ٿي ويون، هن باري ۾ اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: رهجي ويل نمازن جي ڪفاري جي طور تي هي جيڪو طريقو (قضاءِ عُمري) ايجاد ڪيو ويو آهي هي بدترين بدعت آهي هن جي باري ۾ جيڪا روايت آهي اها موضوع (هٿ جي ٺاهيل) آهي هي عمل سخت ممنوع آهي.[1]

---

[1] فتاویٰ رضويہ، 25/8

## فرمانِ اميراهل سنت

دامت برکاتہم العالیہ

ٻارن ۾ فطري (يعني قدرتي Natural) عادت هوندي آهي تہ هُو وڏن جي نقل ڪندا آهن، جيڪڏهن گهر ۾ نمازن جو ماحول هوندو تہ ٻار بہ نمازن جي نقل ڪندا ۽ جيڪڏهن (معاذالله) ڳائڻ وڄائڻ يا ڊانس جو ماحول هوندو تہ ٻار بہ ڊانس ڪندا.

(اميراهل سنت جا 126 ارشادات ص6)


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net